مدني مرڪز (فيضانِ مدينہ) ۽ شعبي امام مسجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن لاءِ 28 آگسٽ، 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ 14 ربيع الاول، 1448ھ) جي جمعة المبارڪ جو قرآني بيان

خدا چاهي ٿو رضاءِ محمد ﷺ

هن بيان ۾ توهان جاڻي سگهندؤ...

- ... محبوب جي رضا امت جي بخشش ۾ آهي
- ... محبوب جي خواهش جلد پوري ٿئي ٿي
- ... محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جو عقل مبارڪ
- ... دنياوي خزانن جي پيشڪش

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

اَكْثِرُوا الصَّلَاةَ عَلَيَّ، فَاِنَّ الصَّلَاةَ عَلَيَّ زَكَاةٌ لَكُمْ

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ توهان جو مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ توهان جي لاءِ پاڪيزگي جو باعث آهي.[1]

دُعائیں ہوتی ہیں مَقبول اس وسیلے سے	خدا کی خاص عنایت درودِ پاک سے ہے
غمِ جہاں سے کبھی سابقہ نہیں پڑتا	مجھے تو ہر گھڑی راحت درودِ پاک سے ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

[1]...مسند ابو يعلى، مسند ابو برزة، جلد:5، صفحه:62، حديث:6407۔

وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى (پاره: 30، الضحى: 5)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ ويجهو آهي جو تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو تون راضي ٿي ويندين.

پيارا اسلامي پائرو! گذريل سال ربيع الاول شريف ۾ اسان شانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي مُشتمل هڪ پياري سورت مبارڪ "سورة الضحىٰ" جي وضاحت ۽ ان جي آيتن مان ملندڙ سبق سکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، هن مبارڪ سورت جون ڪُل 11 آيتون آهن،

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! 4 آيتون اسان گذريل سال پڙيون هيون، هن سال وڌيڪ ڪجهه آيتون ۽ انهن جي وضاحت ۽ تفصيل پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

هتي غور فرمايو! قرآنِ ڪريم ڪيڏو جامع ڪتاب آهي، ان جي هڪ هڪ آيت ۾ علم ۽ معرفت جا درياءَ وهن ٿا، اسان جهڙا گهٽ علم وارا ماڻهو جيڪڏهن عالمن جا لکيل مدني گل ۽ بيان ڪرڻ ويهن تہ هڪ هڪ آيت جي ڪيتري تفصيل ٿي وجي ٿي، وڏا ماهر عالم جڏهن ان جي تفسير ڪندا تہ ڪيتري تفصيل هوندي. وري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت تي ۽ غور فرمايو! ربِ ڪائنات هن مبارڪ سورت ۾ ڪيتري تفصيل سان پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا اوصاف ۽ ڪمالات بيان فرمايا آهن. اللّٰه ڪري تہ اسان هميشہ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ

وَآلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت تي پڪو يقين رکون، عظمتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان سينو روشن رهي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جان ہے عشقِ مصطفےٰ، روز فُزوں کرے خُدا
جس کو ہو دَرْد کا مزہ نازِ دوا اُٹھائے کیوں؟[1]

وضاحت: يعني عشقِ رسول اسان جي جان آهي، الله ڪري تہ اهو عشق ڏينهن بہ ڏينهن وڌندو ئي رهي، ان ۾ ذري برابر بہ ڪڏهن ڪمي نہ اچي. ها! عشق هڪ درد هوندو آهي پر هي اهڙو درد آهي جنهن ۾ لطف آهي، مزو آهي، جڏهن هن درد ۾ اسان کي لطف اچي تو تہ پوءِ ان جي دوا چو ڪريون؟ اچو! آيت سڳوري ٻڌون ٿا:

آيت سڳوري جي مختصر وضاحت

الله پاڪ فرمائي تو: وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى (پاره: 30، الضحى: 5) ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ ويجهو آهي تہ تنهنجو رب توکي ايترو عطا فرمائيندو جو تون راضي ٿي ويندين.

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نرالو شان آهي...!! ◈ الله رب العالمين آهي ◈ اهو احڪم الحاڪمين آهي ◈ ان جو شان آهي تہ جيڪو چاهيندو آهي، صرف "ڪُن" فرمائيندو آهي تہ ٿي ويندو آهي ◈ سڄي خلقت ان جي رضا چاهي ٿي ◈ ماڻهن ان ربِ رحمان کي راضي ڪرڻ لاءِ زندگيون لڳائي ڇڏيون ◈ جهنگن ۾ رهي عبادتون ڪيون ◈ ڪهڙا ڪهڙا مجاهدات نہ ڪيا، هاڻي بہ

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:94۔

ڪن ٿا، پر قربان وڃو! سڀ ان جي رضا چاهين ٿا ۽ اهو ربِ رحمان فرمائي ٿو: اي محبوب! الله پاڪ اوهان کي ايترو عطا فرمائيندو جو اوهان راضي ٿي ويندؤ. روايت ۾ آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: كُلُّهُمْ يَطْلُبُونَ رِضَائِي وَأَنَا أَطْلُبُ رِضَاكَ يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ! سڄي مخلوق منهنجي رضا چاهي ٿي ۽ مان تنهنجي رضا چاهيان ٿو.(1)

خُدا کی رضا چاہتے ہیں دو عالَم | خُدا چاہتا ہے رضائے مُحمَّد(2)

بطرفي محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اها ڳالهه بہ غور جي لائق آهي تہ صرف ائين ناهي تہ الله پاڪ ئي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ سان محبت فرمائي ٿو، بلڪ پيارو محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ بہ پنهنجي رب جي رضا جو طلبگار آهي. معراج جي واقعي کي ذهن ۾ آڻيو! حسين رات آهي، ربِ ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ جي لاءِ آسمانن کي سجايو آهي، زمين ۽ آسمان ۾ اهتمام ٿي رهيو آهي، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام استقبال جي لاءِ مسجدِ اقصيٰ ۾ گڏ ٿي رهيا آهن، آسمانن ۾ ڏوم متل آهي، هيڏانهن پيارو محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ عاجزي ۽ انڪساري جو پيڪر بڻجي، الله پاڪ جي محبت ۾ سرشار ٿي، نهايت ادب سان الله ڪريم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿئي ٿو. جڏهن خاص ان قرب جي مقام تي پهتو تہ الله پاڪ فرمايو: اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ! اَنَا وَاَنْتَ هڪ مان آهيان، هڪ اوهان آهيو، وَمَا سِوَاكَ خَلَقْتُ لِاَجْلِكَ اوهان کان سواءِ ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهه آهي، اهو سڀ مون اوهان جي لاءِ پيدا

1...فتاوٰی رضویہ، جلد:30، صفحہ:197و 198۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:65۔

ڪيو آهي. هي الله پاڪ جي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ سان بي مثال محبت آهي. هاڻي اسان جي آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ ڇا عرض ڪيو؟ ٻڌو! اَللّٰهُمَّ اَنْتَ وَمَا اَنَا اي الله پاڪ! تون ئي تون آهين، مان ڪجهه بہ ناهيان، وَمَا سِوٰى ذٰلِكَ تَرَكْتُ لِاَجَلِكَ ۽ ان کان سواءِ جيڪو ڪجهه آهي، اهو مون تنهنجي رضا لاءِ ڇڏي ڏنو.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو شان آهي...!! اها ڳالهه سچ آهي تہ ◈ الله پاڪ خالق آهي، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ مخلوق آهن ◈ الله پاڪ معبود آهي، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ عابد آهن ◈ الله پاڪ مسجود آهي، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ ساجد آهن، پر محبتن جا نرالا انداز ڏسو!

رب فرمائي ٿو: محبوب! سڀ ڪجهه اوهان جي لاءِ آهي. محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ عرض ڪري ٿو:

مصطفےٰ ہیں ساری خلقت کے لیے | ساری خلقت ہے برائے مصطفےٰ
ڈھونڈتے ہیں سب رضا اللہ کی | چاہتا ہے حق رضائے مصطفےٰ[2]

وار مبارڪ جي بي ادبي بہ ڪفر آهي

امام فخر الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: طائف جو موقعو آهي، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کي تڪليف پهچائي وڃي ٿي، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسمِ مبارڪ تي (معاذالله!) پٿر وسايا وڃن ٿا، جسمِ پاڪ مان رت وهي

---

[1]... مکتوباتِ امامِ ربانی، دفتردوم،حصہ اوّل، مکتوب:7، جلد:2، صفحہ:855۔
[2]...قبالۂ بخشش، صفحہ:80۔

نكري تو، پر جڏهن ملائك حاضرِ خدمت ٿيا ۽ عرض كيائون: حكم فرمايو! طائف وارن كي تباهه ۽ برباد كري ڇڏيون، پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم محبوبِ ذيشان آهن، رحمتِ دوجهان آهن، فرمايائون: اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِيْ اِنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ اي الله پاك! منهنجي قوم كي هدايت عطا فرماءِ، هي نٿا ڄاڻن. هك طرف تہ اها رحمت آهي جو معافي ڏني پئي وڃي، ٻئي طرف ڏسو! غزوه احزاب جو موقعو آهي، مكي جا كافر گڏ ٿي مديني پاك تي چڙهائي كرڻ لاءِ آيا آهن، ان كيفيت ۾ عصر جي نماز جي ادائيگي ۾ دير ٿي وئي، ان تي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم كي اهڙو جلال آيو، اهڙو جلال آيو جو فرمايائون: اَللّٰهُمَّ امْلَا بُطُوْنَهُمْ نَارًا اي الله پاك! انهن جا پيٽ جهنم جي باهه سان پري ڇڏ.

امام رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لكي ٿو: الله پاك فرمايو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! قوم اوهان كي تكليف پهچائي تہ اوهان معاف فرمايو، ۽ جڏهن انهن جي كري منهنجي حق جي ادائيگي ۾ دير ٿي تہ اوهان جلال فرمايو. پوءِ اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اسان وٽ به قانون اهو ئي آهي تہ جيكڏهن كو مسلمان (منهنجي حق جي ادائيگي ۾ كوتاهي كري، مثال طور) نماز نہ پڙهي، نماز كي فرض تہ سمجهندو هجي پر سالن جا سال ادا نہ كري تہ ان كي كافر قرار نہ ڏنو ويندو، پر جيكڏهن كنهن پاڻ سڳورن جي صرف هك وار مبارك جي به بي ادبي كئي تہ اهو اسان جي بارگاهه جو ڏكاريل آهي، ان تي كفر جو حكم لڳايو ويندو. [1]

[1]...تفسير كبير، پاره:30، سورۂ ضحى، زير آيت:5، جلد:11، صفحه:195۔

سُبْحٰنَ اللہ! هي آهي محبت...!! محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي حق کي مقدم رکن ٿا ۽ الله پاڪ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حق کي مقدم فرمائي ٿو.

محبوب جي رضا امت جي بخشش ۾ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى (پاره: 30، الضحى: 5)

ترجموكنزالعرفان: ۽ بيشڪ ويجهو آهي ته تنهنجو رب توکي ايترو عطا فرمائيندو جو تون راضي ٿي ويندين.

هن آيتِ سڳوري جو هڪ بنيادي عنوان شفاعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي. مسلمانن جي چوٽين خليفي حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: جڏهن اها آيتِ سڳوري نازل ٿي ته پياري نبي، سني نبي، سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِذَنْ لَا اَرْضٰى وَوَاحِدٌ مِنْ اُمَّتِيْ فِي النَّار يعني (جڏهن اهو واعدو آهي ته ربِ ڪريم مون کي راضي فرمائيندو) پوءِ ته جيستائين منهنجو هڪ امتي به جهنم ۾ هوندو، مان راضي ٿيندس ئي نه.[1]

دَمِ حشر عاصی مزے لے رہے ہیں — شفاعت کسی کی ہے رحمت کسی کی
ہمیں ہیں کسی کی شفاعت کی خاطِر — ہماری ہی خاطِر شفاعت کسی کی
ہم ایسے گنہگار ہیں زُہد والو! — ہماری مدد پر ہے رحمت کسی کی[2]

---

[1]...تفسیر ثعالبی، پاره:30، سورۂ ضحی، زیرِآیت:5، جلد:5، صفحه:601ـدار احیا التراث

[2]...ذوق نعت، صفحه:235و 236 ملتقطاً ـ

وضاحت: محشر جي مشڪل ڏينهن ۾ بہ گناهگار مزي ۾ آهن جو ميدانِ محشر ۾ الله پاڪ جي رحمت بہ آهي ۽ شفاعت لاءِ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بہ آهن. اسان ئي اهي گناهگار آهيون جن جي خاطر ڪنهن جي شفاعت آهي، ۽ اسان جي خاطر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ربِ ڪريم جي بارگاهہ ۾ شفاعت فرمائيندا.

اي زهد ۽ تقويٰ اختيار ڪندڙؤ! اسان اهڙا گنهگار آهيون جن جي مدد لاءِ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي رحمت بڻائي موڪليو آهي.

اي محبوب چا اوهان راضي آهيو...؟

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مان قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندو رهندس، ڪندو رهندس، ايستائين جو منهنجو رب مون کي فرمائيندو: اَرَضِيْتَ يَا مُحَمَّدُ! يعني اي پيارا محبوب! چا اوهان راضي ٿي ويا؟ مان عرض ڪندس: نَعَمْ يَا رَبِّ رَضِيْتُ! اي منهنجا پاڪ رب! مان راضي آهيان.[1]

تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہو گا | ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہو گا
گنہگار پہ جب لُطف آپ کا ہو گا | کِیا بغیر کِیا، بے کِیا کِیا ہو گا
دِکھائی جائے گی محشر میں شانِ محبوبی | کہ آپ ہی کی خوشی آپ کا کہا ہو گا
خُدائے پاک کی چاہیں گے اگلے پچھلے خوشی | خدائے پاک خوشی اُن کی چاہتا ہو گا[2]

[1]...مسند بزار، مسند علی بن ابی طالب رَضِیَ اللّٰہُ عنہ، جلد:2، صفحہ:239، 240، حدیث:638۔
[2]...ذوق، نعت، صفحہ:51۔

شفاعت حق آهي

پيارا اسلامي پائرو! هن مان معلوم ٿيو تہ شفاعت جو عقيدو حق آهي، سچ آهي ۽ اسان تي لازم آهي تہ شفاعت جو عقيدو پڪو رکون. حديثِ پاڪ ۾ آهي: شفاعت فرمائيندڙ آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ حَقٌّ يعني قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت حق آهي، فَمَنْ لَمْ يُؤْمِنْ بِهَا لَمْ يَكُنْ مِنْ اَهْلِهَا پوءِ جيڪو ان تي ايمان نہ آڻيندو، اهو شفاعت جو حقدار نہ هوندو.[1]

آج لے اُن کی پناہ، آج مدد مانگ اُن سے
کل نہ مانیں گے قیامت میں اگر مان گیا[2]

◈ اڄ اهو يقين رکڻو آهي تہ شفاعتِ ڪبريٰ جو منصب محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جو آهي ◈ اڄ اهو يقين رکڻو آهي تہ قيامت جي ڏينهن محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي شانِ محبوبي ڏيکاري ويندي، پاڻ شفاعت فرمائيندا ۽ گناهگارن کي جنت ۾ پهچائيندا.

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر | یہ تیری رہائی کی چِٹّھی ملی ہے
شَفاعت کرے حشر میں جو رضؔا کی | سوا تیرے کس کو یہ قُدرت ملی ہے[3]

وضاحت: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! خواهش اها آهي تہ جڏهن قيامت واري ڏينهن حاضري ٿئي تہ اوهان فرمايو: اي رضا! تنهنجي لاءِ هي جهنم کان آزاديءَ جو پروانو مليو آهي. اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! رضا جي

[1] ... جامع صغير، صفحه:301 حديث:4896۔
[2] ... حدائقِ بخشش، صفحه:64۔
[3] ... حدائقِ بخشش، صفحه:188 ملتقطًا۔

شفاعت ڪرڻ اوهان جو ئي ڪم آهي، اوهان کانسواءِ ڪنهن کي به اها طاقت نہ ڏني وئي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

خدا چاهي ٿو رضائي محمد ﷺ

پيارا اسلامي پائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى (پاره: 30، الضحى: 5)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ ويجهو آهي ته تنهنجو رب توکي ايترو عطا فرمائيندو جو تون راضي ٿي ويندين.

مفسرَ فرمائن ٿا ته اصل ۾ هي آيتِ ڪريمہ هڪ سوال جو جواب آهي.[1] اهو سوال ڪهڙو آهي؟ الله پاڪ ان کان پهرين آيت ۾ فرمايو: وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى (پاره: 30، الضحى: 4) ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ تنهنجي لاءِ هر پنيان ايندڙ ڳهڙي پهرين کان بهتر آهي.

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! ◈ اوهان جي مبارڪ زندگي جو هر لمحو ◈ هر ڪلاڪ ◈ هر ڏينهن ◈ هر مهينو ◈ هر سال بي مثل ۽ بي مثال آهي، بهترين کان بهترين آهي، پر اوهان جو هر ايندڙ لمحو، هر ايندڙ ڏينهن، هر ايندڙ هفتو، ايندڙ مهينو ۽ سال گذريل بهترين لمحن کان بہ وڌيڪ بهترين هوندو.

[1]... تفسير كبير، پاره:30، سورۂ ضحى، زيرِآيت:5، جلد:11، صفحه:194۔

هاڻي ڏسو! هڪ آهي پهرين گهڙي، هڪ آهي ان کان پوءِ واري گهڙي، رب فرمائي ٿو: پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! پهرين گهڙي به بهترين آهي پر پوءِ واري گهڙي ان کان به وڌيڪ بهترين هوندي. هاڻي سوال اهو آهي ته انهن ٻنهي گهڙين ۾ فرق ڪيترو آهي؟ بي گهڙي جيڪا پهرين کان وڌيڪ بهتر آهي، انهن بهترين ۾ واڌاري جي مقدار ڪيتري آهي؟ ان جي جواب ۾ ربِ ڪريم فرمايو:

وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى (پاره: 30، الضحى: 5)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ ويجهو آهي ته تنهنجو رب توکي ايترو عطا فرمائيندو جو تون راضي ٿي ويندين.

يعني پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جي پهرين ۽ بي گهڙي جي وچ ۾ جيڪو بهترين جو واڌارو آهي، اهو ايترو آهي جيترو اوهان چاهيو ٿا.

اوهان جو هر لمحو مقام جي بلندي طرف سفر جاري آهي ۽ هر لمحي اوهان اوتريون بلنديون اختيار فرمائيندا، جيتري اوهان جي رضا آهي.

گدا خوش ہوں خَیرٌ لَّک کی صدا ہے	کہ دن دُونی ہے بڑھتی دولت کسی کی
فَتَرْضٰی نے ڈالی ہیں بانہیں گلے میں	کہ ہو جائے راضی طبیعت کسی کی[1]

وضاحت: فقير خوش ٿي وڃن ته محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ هر لمحي يلاين ۾ واڌاري جو واعدو آهي، مطلب ته اوهان جي دولت ڏينهن به ڏينهن وڌي رهي آهي. پوءِ ان سان گڏوگڏ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا جو به

[1]...ذوق نعت، صفحہ:237۔

واعدو آهي، ان جو مقصد چا آهي؟ اهو ته محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي طبيعت راضي ٿي وڃي.

پيارا اسلامي پائرو! هن مان معلوم ٿيو ته محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي جو هڪ هڪ لمحو سندن رضا موجب گذرندو رهيو آهي، جيئن پاڻ چاهين پيا، ايئن ئي سندن رب سندن لاءِ مهيا ڪندو رهيو آهي. ڪجهه مثال ڏسو: ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ چاهيو ته طائف وارن کي تباهه نه ڪيو وڃي، کين تباهه نه ڪيو ويو ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ چاهيو ته مڪي وارن تي ڏڪار اچي، ڏڪار اچي ويو ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ چاهيو ته حضرت عمر اسلام قبول ڪري، جيتوڻيڪ هو اگهاڙي تلوار کڻي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کي (معاذ الله) شهيد ڪرڻ نڪتا هئا، پر ربِ رحمان انهن جي دل ڦيري ڇڏي، آيا هئا تڪليف پهچائڻ، پر غلام بڻجي ويا ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ چاهيو ته بدر ۾ فتح نصيب ٿئي، ربِ ڪريم ملائڪ نازل فرمائي ڇڏيا ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ چاهيو ته پري پري تائين قبيلن تائين اسلام جو پيغام پهچي، الله پاڪ صلح حديبيہ جو موقعو عطا فرمايو، جنهن ذريعي اسلام جو پيغام پري پري تائين وڃڻ لڳو ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ چاهيو ته مڪو فتح ٿي وڃي، مڪو فتح ٿي ويو ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کي اها فڪر هئي ته اسلام سيني دنيا ۾ غالب اچي وڃي، الله پاڪ فرمايو:

لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّیْنِ كُلِّهٖ وَ لَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ (پاره: 10، التوبه: 33)

ترجمو ڪنزالعرفان: ته جيئن ان کي سيني دنيا ۾ غالب ڪري ڇڏي، توڙي جو مشرڪن کي ناپسند هجي.

امت تي عنايتون

حديث جي ڪتابن ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي حديثون ملن ٿيون، مثال طور: ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن منهنجي اُمت تي گران (گِرو) نه گذري ها ته هر نماز لاءِ مسواڪ ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها ◈ فرمايائون: جيڪڏهن منهنجي امت تي گِرو نه پوي ها ته عشاء جي نماز کي رات جي ٽئين پهر تائين دير سان پڙهڻ جو حڪم ڏيان ها.[1] ◈ تراويح بابت فرمايائون: ڪٽي اها توهان تي فرض نه ٿي وجي، تنهنڪري مسجد ۾ باجماعت تراويح ادا ڪرڻ بند ڪري ڇڏيائون.[2] ◈ ۽ اهڙيون ٻيون به ڪيتريون ئي حديثون آهن. سوال اهو آهي ته محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حڪم نه به ڏين، جيڪڏهن الله پاڪ آيت نازل فرمائي ها ته هر وضو سان مسواڪ فرض آهي، ته ڇا فرض نه ٿي وجي ها؟ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي امت جو فڪر آهي سو ته آهي، پر الله پاڪ اهي حڪم نازل ڇو نه فرمايا؟ ان ڪري جو جڏهن محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مرضي آهي ته امت تڪليف ۾ نه پوي، ته الله پاڪ به اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مرضي پوري فرمائي ڇڏي. قرآنِ ڪريم ۾ ساڍا 6 هزار ڪن آيتون آهن، پر ڪنهن به هڪ آيت ۾ مسواڪ کي فرض ناهي ڪيو ويو. قرآنِ ڪريم ۾ نماز جو بار بار حڪم آهي پر تراويح فرض نه ڪئي وئي، آخر ڇو؟ ان ڪري جو محبوب جي رضا ان ۾ ئي آهي. ◈ معراج جي رات ڏسو! الله پاڪ 50 نمازون فرض فرمايون هيون، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم چاهيو ٿي ته گهٽ ڪيون وڃن، ان ڪري الله پاڪ گهٽ ڪري 5 ڪري ڇڏيون.

---

[1]...ترمذی، ابواب الطہارۃ، باب ما جاء فی السواک، صفحہ:16، حدیث:23۔

[2]...بخاری، کتاب الجمعۃ، باب من قال فی الخطبۃ بعد الثناء اما بعد، صفحہ:281، حدیث:924 خلاصۃً۔

هي آهي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جو اثر...!! اوهان جنهن تي راضي آهيو، الله پاڪ به ان تي ئي راضي آهي.

رضائے حق کے طالب دو جہاں لیکن ترا مولیٰ
تری چاہے رضا اے رہنے والے سبز گنبد کے(1)

محبوب جي خواهش جلد پوري ٿئي ٿي

هڪ پيرو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حق ۾ ڪجهه آيتون نازل ٿيون ته مسلمانن جي پياري امڙ، حضرت عائشه صديقه، طيبه طاهره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! وَاللّٰهِ، مَا اَرٰى رَبَّكَ اِلَّا يُسَارِعُ لَكَ فِيْ هَوَاكَ يعني خدا جو قسم! مان ڏسان ٿي ته اوهان جو رب اوهان جي خواهش پوري ڪرڻ ۾ جلدي فرمائي ٿو.(2)

چوڻ هي چاهين پيون ته يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جو مقام ربِ رحمان جي بارگاهه ۾ ڪيترو بلند آهي جو هيڏانهن اوهان خواهش فرمايو ٿا، هوڏانهن ربِ ڪريم اوهان جي مرضي پوري فرمائي ڇڏي ٿو.

قبلو تبديل ٿي ويو

قبلي جي تبديلي جو واقعو تمام گهڻو مشهور آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ان جو ذڪر فرمايو آهي. جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مديني تشريف کڻي آيا ته تقريبن 17 مهينن تائين بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز ادا

1...قبالۂ بخشش، صفحه:322۔

2...مسلم، كتاب الرضاع، باب جواز ہبتہانوبتہالضرتہا، صفحه:553، حديث:1464۔

فرمائي، ان ۾ هڪ حڪمت هئي، جيڪا پوري ٿي وئي. هاڻي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم چاهيو ٿي ته ڪعبي شريف کي ئي اسان جو قبلو بڻايو وڃي.

پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو شان ڏسو! ظهر جي نماز ادا فرمائي رهيا آهن، پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم امامت فرمائي رهيا آهن، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پنڌيان حاضر آهن، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آسمان طرف صرف نگاهه ڪنئي، ان ئي وقت نماز جي حالت ۾ ئي حڪم اچي ويو:

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ (پاره: 2، البقره: 144)

ترجمو ڪنزالعرفان: اسان توهان جي چهري جو آسمان ڏانهن بار بار ڪٹڻ ڏسي رهيا آهيون پوءِ ضرور اسان توهان کي ان قبلي ڏانهن ڦيري ڇڏينداسين جنهن ۾ توهان جي خوشي آهي ته هاڻي پنهنجو چهرو مسجد حرام ڏانهن ڦيري ڇڏيو هاڻي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نماز جي حالت ۾ ئي بيت المقدس کان ڪعبي طرف رخ مبارڪ ڦيرائي ڇڏيو.

مديني شريف ۾ قبلي جو رخ ٻئي انداز سان آهي، سمجهائڻ لاءِ عرض ڪريان ته ائين سمجهي ونو ته پهريان رخ انور مشرق طرف هو ته هاڻي بلڪل ان جي سڌ ۾ گهمي رخ پاڪ مغرب طرف ڪري ورتائون. يعني پوري 180 ڊگري تي رخ مبارڪ ڦيريو ويو ۽ هي ڦيرڻ جو معاملو ڪڏهن ٿيو؟ نماز جي حالت ۾، ظهر جي نماز آهي، 2 رڪعتون ادا ٿي چڪيون آهن ۽ 2 رهن ٿيون.[1] غور جو مقام آهي!

[1] ... سبل الهدیٰ، جماع ابواب بعض حوادث...الخ، الباب السادس فی قصه تحویل القبله، جلد:3، صفحه:370۔

2 رڪعتون پڙهڻ ۾ ڪيتري دير لڳي ٿي...؟ ائين به ته ممڪن هو ته محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ نماز جي حالت ۾ خواهش ڪئي ته نماز پوري ٿيڻ کان پوءِ حڪم ڏنو وڃي ها ته اي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! ايندڙ نماز ڪعبي طرف رخ ڪري پڙهجو. پر قربان وڃون! الله پاڪ کي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشي پسند آهي ۽ ربِ ڪائنات انهن جي خواهش پوري ڪرڻ ۾ جلدي فرمائي ٿو، تنهنڪري 2 رڪعتون مڪمل ٿيڻ جي دير به منظور نه ڪئي وئي، نماز جي حالت ۾ ئي فوراً اوهان جي مرضي پوري ڪئي وئي.

جن کے سجدے کو محرابِ کعبہ جھکی | اُن بھنوؤں کی لطافت پر لاکھوں سلام[1]

محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي عقل مبارڪ

پيارا اسلامي پائرو! اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ جهڙي آهي ته هر ڪنهن جي جيڪا تمنا، خواهش ۽ رضا هوندي آهي، اها ان جي عقل موجب هوندي آهي. اوهان ننڍڙي ٻار کان پڇو! ته چا ڪپي؟ هو ڪائڻ پيئڻ جون شيون گهرندو، راندیڪا گهرندو. ڪنهن عاقل ۽ بالغ کان پڇو! ته چا ڪپي؟ هو پنهنجي لحاظ کان تمنا ڪندو. جنهن جي عقل جيتري بالغ آهي، جنهن جو شعور جيترو مٽانهون آهي، هو ان موجب ئي تمنا ڪري ٿو. اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ اها هستي آهن جن لاءِ حضرت وهب بن منبه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مون گذريل آسماني ڪتابن مان 71 ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ته پوري دنيا ۾ جيتري به عقل نازل ڪئي وئي آهي، ان سي ڪي جيڪڏهن هڪ ريگستان تصور ڪيو وڃي

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ: 300۔

ته ان مان هڪ ذري برابر عقل پوري دنيا کي ڏني وئي آهي، باقي ساري عقل محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ڪئي وئي آهي. [1]

يعني اوهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ ايترا وڏيڪ عقلمند آهيو، تنهنڪري اوهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جون جيڪي خواهشون ۽ تمنائون آهن، اهي به ان موجب ئي آهن.

دنياوي خزانن جي پيشڪش

حضرت خيثمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائي ٿو: الله پاڪ مالڪ ۽ مختار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کي اها آڇ (Offer) فرمائي ته اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! جيڪڏهن اوهان چاهيو ته اسان اوهان کي دنيا جا اهي خزانه عطا ڪريون جيڪي نه اوهان کان پهرين ڪنهن کي مليا، نه اوهان کان پوءِ ڪنهن کي ملندا، ان تي وڏيڪ هي ته انهن دنياوي خزانن جي ڪري اوهان جي اخروي انعامن مان به ڪجهه گهٽ نه ڪيو ويندو. عابد ۽ زاهد نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ عرض ڪيو: اي الله پاڪ! هي سڀ ڪجهه منهنجي لاءِ آخرت ۾ ئي گڏ فرماءِ! [2]

بعطائے رَبِّ حاکم تُو ہے رِزْق کا بھی قاسِم	ہے ترا سب آب و دانہ مَدَنی مدینے والے!
مَیں غریب بے سہارا، کہاں اور ہے گزارا	مجھے آپ ہی نبھانا مَدَنی مدینے والے![3]

سون چاندي جا پهاڙ گڏهلن ها

مسلمانن جي پياري امڙ، حضرت عائشه صديقه طيبه طاهره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا

---

[1]... سبل الهدیٰ، جماع ابواب اسمائه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّمَ، الباب الثالث، جلد:3، صفحه:370۔

[2]... مصنف ابن ابی شیبه، کتاب الفضائل، باب اعطی اللّٰه تعالی مُحَمَّدًا، جلد:7، صفحه:444، حدیث:162۔

[3]...وسائل بخشش، صفحه:426۔

فرمائين ٿيون: هڪ ڏينهن هڪ انصاري عورت مون وٽ آئي، جڏهن هن سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو سادو بستر مبارڪ ڏٺو تہ هن جي دل پرجي آئي، هوءَ فوراً وئي ۽ ڪپهہ وارو نرم ۽ ملائم بستر موڪلياٸين. مون رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ اهو بستر وڇائي ڇڏيو. جڏهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي آيا تہ پڇياٸون: عائشہ! هي ڇا آهي؟ مون سڄو واقعو عرض ڪيو، ان تي زهد جي پيڪر، مڪي مدني تاجور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عائشہ! هي بستر ان ئي عورت کي موٽائي ڏي! **خدا جو قسم! جيڪڏهن مان چاهيان ها تہ سون چاندي جا پهاڙ مون سان گڏ هلي رهيا هجن ها.** [1]

تری فرش پر حکومت تری عرش پر حکومت
تُو شہنشہِ زمانہ مَدَنی مدینے والے!
ترا خُلق سب سے بالا ترا حُسن سب سے اعلیٰ
فِدا تجھ پہ سب زمانہ مَدَنی مدینے والے!
ترا غم ہی چاہے عطّارؔ اِسی میں رہے گرفتار
غمِ مال سے بچانا، مَدَنی مدینے والے! [2]

سُبْحٰنَ الله! خبر پئي تہ ◈ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رضا ئي مطلوب آهي ◈ جيڪڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم چاهين ها تہ سون چاندي جا پهاڙ اوهان سان گڏ هلن ها ◈ جيڪڏهن پاڻ چاهين ها تہ دنيا جو سڀ کان وڌيڪ مال ۽ دولت ظاهري طور بہ اوهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم وٽ هجي ها ◈ جيڪڏهن پاڻ سڳورا چاهين ها تہ تاج ۽ تخت اختيار فرمائين ها، پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم زهد کي اختيار فرمايو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم دنياوي مال ۽ دولت کي پاڻ وٽ رکڻ پسند نہ فرمايو تہ الله پاڪ بہ اوهان جي لاءِ اهو ئي چونديو.

1...شُعب الايمان، باب فی حب النبی، فصل فی زہدہ وصبرہ، جلد:2، صفحہ:173، حدیث:1468۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:425-429ملتقطاً۔

توبهه جو دروازو پسند فرمايو

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمائي ٿو: هڪ پيرو قريش جي ماڻهن پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: دعا ڪريو ته صفا جبل اسان جي لاءِ سون جو بڻجي وڃي، ته اسان اوهان تي ايمان ڪٽي اينداسين؟ پاڻ فرمايائون: پڪا آهيو...! واقعي ايمان قبول ڪندؤ؟ چيائون: جي ها! اسان پڪا آهيون. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ دعا جي لاءِ هٿ کڻي ورتا! الله پاڪ حضرت جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام کي موڪليو، هن عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو رب اوهان کي سلام موڪلي ٿو ۽ فرمائي ٿو: اوهان چاهيو ته صفا جبل کي سون جو بڻايو وڃي، پر جيڪڏهن هنن پوءِ به ايمان قبول نه ڪيو ته اهڙو عذاب ايندو جيڪو ڪنهن تي به نه آيو هوندو، ۽ جيڪڏهن اوهان چاهيو ته انهن جي لاءِ توبهه جو دروازو کولي ڇڏيون. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بَابُ التَّوْبَةِ وَالرَّحْمَةِ يعني مان چاهيان ٿو ته توبهه ۽ رحمت جو دروازو کولي ڇڏيو وڃي.[1]

سُبْحٰنَ الله! هتي به ڏسو! محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ جي رضا پڇي پئي وڃي ته اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان جيڪو پسند فرمائيندؤ، اهو ئي ڪيو ويندو. اَلْحَمْدُ لله! اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ سراپا رحمت آهن، اوهان چاهيو پئي ته امت تي عذاب نه اچي، الله پاڪ جي پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڏسو! اڄ ڏينهن تائين امت تي اجتماعي عذاب ناهي آيو.

پيارا اسلامي پائرو! قرآنِ ڪريم کي سمجهي تلاوت ڪريو، پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ جي سيرت پڙهو، حديثِ پاڪ جا ڪتاب پڙهو ته خبر پوندي ته

---

[1] ...مسند امام احمد، مسند بنی ہاشم، مسند عبداللہ بن عباس ...الخ، جلد:2، صفحہ:103حدیث:2203۔

الله پاڪ کي هر هر لمحو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رضا مطلوب آهي، ايستائين جو قيامت جي ڏينهن به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مرضي پوري ڪئي ويندي. پاڻ چوندا ويندؤ، الله پاڪ پورو ڪندو ويندو. قيامت جي ان خوفناڪ ڏينهن ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هڪ سجدو ڪري امت کي بخشرائي ونندا. هي اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو شان آهي.

الله ۽ رسول کي راضي ڪريو!

پيارا اسلامي پائرو! ان ۾ اسان جي لاءِ به هڪ سبق آهي، اهو هي ته الله پاڪ جي رضا محبوب جي رضا ۾ آهي ۽ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رضا الله پاڪ جي رضا ۾ آهي. الله پاڪ اهو چاهي ٿو جيڪو رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم چاهين ٿا ۽ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اهو چاهين ٿا جيڪو الله پاڪ چاهي ٿو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکي ٿو:

بہم عہد باندھے ہیں وصلِ ابد کا | رضائے خدا اور رضائے مُحَمَّد[1]

وضاحت: الله پاڪ جي رضا ۽ محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رضا پاڻ ۾ پکو واعدو ڪري رکيو آهي ته هميشه هڪ ٻئي سان گڏ رهندیون (تنهنڪري جيستائين رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي راضي نه ڪيو وجي، الله پاڪ جي رضا ملي ئي نٿي سگهي).

خُدا کا وہ نہیں ہوتا، خدا اُس کا نہیں ہوتا | جسے ہونا نہ آتا ہو تمہارا یَارَسُوْلَ اللہ!

[1]...حدائق بخشش، صفحہ:65۔

ڪثرتِ عبادت جي ايمان افروز نيت

ان ڪري اسان کي گهرجي تہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. **علامہ عبدالرؤف مناوي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **لکي ٿو:** حضرت رابعہ بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا روزانو هڪ هزار نفل پڙهندي هئي، هوءَ فرمائي ٿي: خدا جو قسم! ان مان منهنجو ارادو (صرف) ثواب جو ناهي پر (هي نيت بہ آهي تہ) رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم منهنجي هن عمل سان خوش ٿي وڃن ۽ قيامت جي ڏينهن ٻين نبين عَلَيْهِمُ السَّلَام کي فرمائن: ڏسو! هي منهنجي امت جي هڪ عورت آهي، جيڪا ڏينهن رات ۾ ايترا نفل پڙهندي هئي.[1]

عبادت مان رضائي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم چاهڻ ڪيئن آهي؟

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيڏي نرالي ادا آهي...!! نيڪ عملن مان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رضا چاهڻ ايمان جي علامت آهي. قرآنِ مجيد ربِ قدير جو ارشاد آهي:

وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ (پاره: 10، التوبه: 62)

ترجمو ڪنزالعرفان: حالانڪ اللّٰه ۽ ان جو رسول هن ڳالهہ جا وڌيڪ حقدار آهن تہ ماڻهو انهن کي راضي ڪن، جيڪڏهن ايمان وارا آهن.

هن آيت جي تحت عالمَ سڳورا فرمائن ٿا: ايمان، عبادت ۽ معاملن ۾ اللّٰه پاڪ سان گڏ حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ۽ خوش ڪرڻ جي نيت ڪرڻ شرڪ يا ڪفر ناهي، بلڪ ايمان جو ڪمال آهي. جيڪو ان ڪري مسلمان ٿئي، ان ڪري نماز روزو، حج ۽ زڪوات ادا ڪري تہ اللّٰه بہ راضي

---

[1]...الكواكب الدرية ، الطبقة الثانية، حرف الراء، رابعة العدوية، رقم:95، جلد:1، صفحہ:266۔

ٿئي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بہ راضي ٿين، اهو مومنِ ڪامل آهي. ربِ ڪريم ان جي توفيق ڏي. [1]

محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو بيزاري جو اعلان

پيارا اسلامي پائرو! الله پاڪ جي رضا تڏهن ئي ملي ٿي جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪيو وڃي، تنهنڪري هر اهو ڪم جنهن کان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بيزاري جو اعلان فرمايو آهي، اسان کي گهرجي تہ ان ڪم کان بچون. مثال طور: ◈ فرمايائون: جيڪو قرآنِ ڪريم جي تلاوت سني آواز سان نہ ڪري، اهو اسان مان ناهي ◈ فرمايائون: جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو، اهو اسان مان ناهي ◈ جيڪو ٻئي جي شيءِ جي دعويٰ ڪري، اهو اسان مان ناهي ◈ جادو ڪرڻ وارو يا ڪرائڻ وارو اسان مان ناهي ◈ مسلمان کي ڏوکو ڏيڻ وارو اسان مان ناهي ◈ جيڪو برائي کان نہ روڪي، اهو اسان مان ناهي ◈ مسلمان سان بددياڻتي ڪرڻ وارو اسان مان ناهي ◈ عالمن جو حق نہ سڃاڻڻ وارو اسان مان ناهي ◈ بي صبري ڪرڻ وارو اسان مان ناهي.

هي مون ڪجهہ حديثن جو خلاصو عرض ڪيو آهي. اهڙيون ٻيون بہ ڪيتريون ئي حديثون آهن، جن ۾ اهڙن ڪمن جو ذڪر آهي جن کان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بيزاري جو اظهار فرمايو آهي، اسان کي گهرجي تہ اهڙن سيني ڪمن کان پري رهون. مکتبة المدینہ جو هڪ پياروَ رسالو آهي: "وہ ہم میں سے نہیں" (هو اسان مان ناهي). ان ۾ اهي حديثون گڏ ڪيون ويون آهن جن ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بيزاري جو اظهار فرمايو آهي. ان کي پاڻ بہ پڙهو، ٻين کي بہ پڙهڻ

[1]...تفسیر نعیمی، پارہ:10، سورۃ توبۃ، زیرِ آیت:62، جلد:10، صفحہ:420۔

جي ترغيب ڏيو ۽ ان تي عمل ڪريو! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دارالافتاء اهلسنت موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي پائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: "Darul Ifta Ahlesunnat" (دار الافتاء اهلسنت). هن ايپلي ڪيشن ۾ ◈ اوهان ڪيئي مذهبي ۽ معاشرتي سوالن جا لکت ۾ فتويٰ ◈ عقيدن متعلق حڪم ◈ قرآن ۽ حديث متعلق حڪم ◈ وضو، غسل ۽ ناپاڪي جا حڪم ◈ نماز بابت مسئلا ◈ ميت بابت مسئلا ◈ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيان ◈ معاشرتي ۽ مذهبي پهلوئن تي رهنمائي ڪندڙ مضمون ۽ ڪتاب ◈ مفتي سڳورن جا علمي ۽ شرعي معلومات وارا سلسلا ◈ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ ان ڪانسواءِ تمام گهڻي ديني معلومات جو خزانو حاصل ڪري سگهو ٿا. هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو! پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏيو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڄاڻي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چا آهي؟

(درست شرعي مسئلو يا عوام ۾ پکڙيل غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: نقشِ نعلِ پاڪ يا لکت وارو بيج (Badge) لڳائي بيت الخلا (Toilet) ۾ وڃڻ مڪروه ۽ بي ادبي آهي.

وضاحت: حديثِ پاڪ ۾ آهي : نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بيت الخلا ويندا هئا تہ پنهنجي مندي مبارڪ (جنهن تي الله پاڪ جو نالو لکيل هو) لاهي ڇڏيندا هئا.[1] عالمن سڳورن جو چوڻ آهي تہ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هن ادا مان معلوم ٿيو تہ هر اها شيءِ جيڪا قابلِ تعظيم هجي، مثال طور جنهن تي الله پاڪ جو، ڪنهن نبي يا ملائڪ جو نالو لکيل هجي، بيت الخلا ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان ان کي پاڻ کان ڏار ڪري وڃڻ مستحب آهي ۽ ان جي ابتڙ ڪرڻ مڪروه آهي.[2]

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ربيع الاول شريف جو مهينو آهي، عاشقانِ رسول پنهنجي سينن تي مختلف پيارا پيارا بيجز لڳائيندا آهن، تمام سڻي ڳالهہ آهي، نيڪ نيت هجي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! ان جو ثواب بہ ملندو، پر بيت الخلا وڃڻ وقت احتياط ڪيو وڃي تہ هي مقدس بيج لاهي الڳ رکيو وڃي تہ جيئن ان جي بي ادبي نہ ٿئي. ها! جيڪڏهن گم ٿيڻ جو انديشو هجي تہ لاهي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو! جيڪڏهن اهو بہ ممڪن نہ هجي تہ جنهن جاءِ تي بيج لڳل آهي، ان جي مٿان کو ڪپڙو وغيره وجهي ان کي ڍڪي ڇڏيو! ان جي ابتڙ ڪرڻ يعني نقشِ نعلِ پاڪ يا مقدس لکت وارو بيج لڳائي، ان کي ڍڪڻ ڪانسواءِ بيت الخلا ۾ هليو وڃڻ مڪروه ۽ بي ادبي آهي.[3]

---

[1]...ترمذی، کتاب اللباس، باب ما جاء فی لبس الخاتم فی الیمین، صفحہ:438، حدیث:1746۔

[2]...مرقاۃ المفاتیح، کتاب الطہارۃ، باب آداب الخلاء، الفصل الثانی، جلد:2، صفحہ:57، تحت الحدیث:343۔

[3]...فتاوٰی رضویہ، جلد4،صفحہ582 خلاصۃً۔

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي حڪم سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اسماءُ الحسنىٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا مَلِكُ (اي بادشاهِ (حقيقي)...!!)

جيڪو ڪو غريب ۽ مسڪين شخص روزانو 80 ڀيرا الله پاڪ جو پيارو نالو "يَا مَلِكُ" پڙهندو، اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! غربت کان نجات پائيندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مدني پنج سوره، صفحه:258۔